# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1974
# اولهه پاڪستان لينڊ رونيو(سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE WEST PAKISTAN LAND REVENUE (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of West Pakistan Act XVII of 1967

3. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of West Pakistan Act XVII of 1967

4. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of Section 7 of West Pakistan Act XVII of 1967

5. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of West Pakistan Act XVII of 1967

6. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 13 جي ترميم
Amendment of Section 13 of West Pakistan Act XVII of 1967

7. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 14 جي ترميم
Amendment of Section 14 of West Pakistan Act XVII of 1967

8. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 16 جي ترميم

Amendment of Section 16 of West Pakistan Act XVII of 1967

9. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 63 جي ترميم

Amendment of Section 63 of West Pakistan Act XVII of 1967

10. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 69 جي ترميم

Amendment of Section 69 of West Pakistan Act XVII of 1967

11. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعات 84، 89، 92، 101، 102، 103، 104، 107، 108 ۽ 161 جي ترميم

Amendment of Sections 84, 89, 92, 101, 102, 103, 104, 107, 108 and 161 of West Pakistan Act XVII of 1967

12. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 84 جي ترميم

Amendment of Section 84 of West Pakistan Act XVII of 1967

13. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 161 جي ترميم

Amendment of Section 161 of West Pakistan Act XVII of 1967

14. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 162 جي ترميم

Amendment of section 162 of West Pakistan Act XVII of 1967

15. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 162 جي ترميم

Amendment of Section 162 of West Pakistan Act XVII of 1967

16. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 164 جي ترميم

Amendment of Section 164 of West Pakistan Act XVII of 1967

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1974
## اولهہ پاڪستان لينڊ رونيو(سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
## THE WEST PAKISTAN LAND REVENUE (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[13 آگسٽ 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان لينڊ روينيو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of West Pakistan Act XVII of 1967

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 5 ۾، لفظ "ضلعا" لاءِ لفظ "ڊويزنس" متبادل ٿيندو.

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of West Pakistan Act XVII of 1967

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾:

(a)ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "هر ضلعو" لاءِ لفظ ۽ ڪاما "هر ڊويزن اهڙن ضلعن ۾ ورهايو ويندو ۽ هر ضلعو" متبادل ٿيندا، ۽

(b)ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظ "جو" ۽ لفظ "ضلعن" وچ ۾ لفظ ۽ ڪاما "ڊويزنس،" شامل ڪيا ويندا.

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of Section 7 of West Pakistan

4.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ شق (a) کانپوءِ هيٺين شق شامل ڪئي ويندي:

"(b) ڪمشنر؛".

| | |
|---|---|
| Act XVII of 1967<br>1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 8 جي ترميم<br>Amendment of Section 8 of West Pakistan Act XVII of 1967 | 5.جاڻايل ايڪٽ جي دفعات 8 ۽ ) ۾ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:<br>(ڪمشنرن ۽ ڪليڪٽرن جي مقرري) "8. هر ڊويزن لاءِ هڪ ڪمشنر هوندو ۽ هر ضلعي لاءِ هڪ ڪليڪٽر هوندو، جيڪو حڪومت طرفان مقرر ڪيو ويندو. جيئن معاملو هجي ۽ اهو سڄي ڊويزن يا ضلعي اندر ڪمشنر يا ڪليڪٽر طور، هن ايڪٽ تحت اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن معاملو هجي.<br>(ايڊيشنل ڪمشنر ۽ ايڊيسنل ڪليڪٽرس) "9.حڪومت ڪنهن ڊويزن ۾ ايڊيسنل ڪمشنر مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪو سڄي ڊويزن يا لاڳاپيل ضلعي اندر پنهنجا سمورا يا ڪي بہ اختيار استعمال ڪندو ۽ پنهنجون سموريون يا ڪي بہ ذميواريون سراجمام ڏيندو، جيڪو ڪيس ڪمشنر يا ڪليڪٽر، جيئن معاملو هجي، طرفان سونپيون وڃن، يا هن ايڪٽ تحت سونپيون وڃن، ڊويزن جي صورت ۾ ايڊيشنل ڪمشنر ڪمشنر جي ماتحت ۽ ضلعي جي صورت ۾ ايڊيشنل ڪليڪٽر، ڪليڪٽر جي ماتحت ڪم ڪندو. |
| 1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 13 جي ترميم<br>Amendment of Section 13 of | 6. جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 13 ۾ ذيلي دفعہ (3) لاءِ هيٺيون نيون دفعات متبادل ٿيندو:<br>"(3) بورڊ آف روينيو جي ضابطي هيٺ ڪمشنر ڊويزن اندر بيين سمورن روينيو عملدارن تي ضابطو رکندو. |

West Pakistan Act XVII of 1967

(4) جيئن متي ڄاڻايل آهي ۽ ڪمشنر جي ضابطي هيٺ، پنهنجي ضلعي اندر ڪليڪٽر ٻين سمورن روينيو عملدارن تي ضابطو رکندو.”

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 14 جي ترميم

Amendment of Section 14 of West Pakistan Act XVII of 1967

7. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 14 ۾:

(a) ذيلي دفعه (2) ۾:

(i) آرٽيڪل ”a“ ۽ لفظ ”ڪليڪٽر“ وچ ۾ لفظ ”ڪمشنر يا“ شامل ڪيا ويندا؛ ۽

(ii) لفظ ”هن جو“ لاءِ لفظ ”انهن جو ترتيبوار“ متبادل ٿيندا.

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 16 جي ترميم

Amendment of Section 16 of West Pakistan Act XVII of 1967

8. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 16 ۾:

(a) ذيلي دفعه (1) ۾ آرٽيڪل ”a“ ۽ لفظ ”ڪليڪٽر“ وچ ۾ لفظ ”ڪمشنر يا“ شامل ڪيا ويندا؛ ۽

(b) ذيلي دفعه (3) ۾ آرٽيڪل ”The“ ۽ لفظ ”ڪليڪٽر“ وچ ۾ لفظ ۽ ڪاما ”ڪمشنر،“ تبديل ڪيا ويندا.

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 63 جي ترميم

| | |
|---|---|
| 9.جاڳايل ايڪٽ جي دفعہ 63 ۾:<br>(a) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "بورڊ آف روينيو" لاءِ لفظ "ڪمشنر يا بورڊ آف روينيو" متبادل ٿيندا؛ ۽<br>(b)ذيلي دفعہ (3) ۾:<br>(i)پهريون دفعو ايندڙ لفظن "بورڊ آف روينيو" لاءِ لفظ ۽ ڪامائون "ڪمشنر يا بورڊ آف روينيو جيئن معاملو هجي،" متبادل ٿيندا؛ ۽<br>(ii)ٻيو دفعو ايندڙ لفظن "بورڊ آف روينيو" لاءِ لفظ "ڪمشنر يا بورڊ آف روينيو" متبادل ٿيندا. | Amendment of Section 63 of West Pakistan Act XVII of 1967<br>1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 69 جي ترميم |
| 10.جاڳايل ايڪٽ جي دفعہ 69 ۾ لفظ "ڏانهن" ۽ لفظ "بورڊ آف روينيو" وچ ۾ لفظ ۽ ڪاما "ڪمشنر ۽ ڪمشنر جي اپيليٽ آرڊر کان، ڏانهن" شامل ڪيا ويندا. | Amendment of Section 69 of West Pakistan Act XVII of 1967<br>1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعات 84، 89، 92، 101، 102، 103، 104، 107، 108 ۽ 161 جي ترميم |
| 11. جاڳايل ايڪٽ جي دفعات 84، 89، 92، 101، 102، 103، 104، 107، 108 ۽ 161 ۾ لفظن "بورڊ آف روينيو" لاءِ لفظ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو. | Amendment of Sections 84, 89, 92, 101, 102, 103, 104, 107, |

108 and 161 of West Pakistan Act XVII of 1967

1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 84 جي ترميم

Amendment of Section 84 of West Pakistan Act XVII of 1967

12. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 84 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظ "اهو" لاءِ لفظ "هي" متبادل ٿيندو.

1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 161 جي ترميم

Amendment of Section 161 of West Pakistan Act XVII of 1967

13.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 161 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) شق (b) کانپوءِ ۾ شرطيہ بيان کان اڳ، هيٺين شق شامل ڪئي ويندي:

"(c) بورڊ آف روينيو ڏانهن فقط پوائنٽ آف لا تي، جڏهن

1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 162

حڪم ڪمشنر طرفان جاري ڪيو ويو آهي.”؛ ۽
(ii) شرطيه بيان جي شق (ii) ۾:
(a) لفظن “بورڊ آف روينيو” لاءِ لفظ “ڪمشنر” متبادل ٿيندو؛ ۽
(b) لفظ “اهو” لاءِ لفظ “ڪيس” متبادل ٿيندو.

جي ترميم
Amendment of Section 162 of West Pakistan Act XVII of 1967

14. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 162 ۾ شق (a) ڪانپوءِ هيٺين شق شامل ڪئي ويندي:
“(b) سٺ ڏينهن جتي اپيل ڪمشنر کي ڪئي وڃي.”.

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 162 جي ترميم
Amendment of Section 162 of West Pakistan Act XVII of 1967

15. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 163 ۾:
(i) آرٽيڪل “a” ۽ لفظ “ڪليڪٽر” وچ ۾ لفظ ۽ ڪاما “ڪمشنر،” شامل ڪيا ويندا؛
(b) ذيلي دفعه (2):
(i) آرٽيڪل “a” ۽ لفظ “ڪليڪٽر” وچ ۾ لفظ ۽ ڪاما “ڪمشنر،” شامل ڪيا ويندا.
(ii) آرٽيڪل “a” ۽ لفظ “ڪيلٽر” وچ ۾ لفظ ۽ ڪاما “ڪمشنر،” شامل ڪيا ويندا.
(c) ذيلي دفعه (2) ڪانپوءِ شرطيه بيان ۾ شق (a) ڪانپوءِ هيٺين

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ

ريت متبادل ٿيندو:

“(a) آفس ۾ اڳ ڪم ڪندڙ طرفان جاري ڪيل حڪم تي ذيلي دفعہ (1) تحت يا ذيلي دفعہ (2) تحت نظرثاني نہ ڪئي ويندي:

(i)ڪمشنر بنا اڳواٽ بورڊ آف روينيو جي منظوري حاصل ڪرڻ جي؛

(ii)ڪليڪٽر ڪمشنر جي اڳواٽ منظوري ڪانپوءِ ۽ ڪنهن حڪم تي ڪنهن ٻئي روينيو عملدار طرفان نظرثاني نہ ڪئي ويندي پهرين اڳواٽ روينيو عملدار جي منظوري ڪانسواءِ جنهن جي ضابطي هيٺ فوري طور اهو ڪم هجي.”.

XVII جي دفعہ 164 جي ترميم
Amendment of Section 164 of West Pakistan Act XVII of 1967

16.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 164 ۾:

(a)ذيلي دفعہ (2) ۾ آرٽيڪل ”A“ ۾ لفظ “ڪليڪٽر” وچ ۾ لفظ “ڪمشنر يا” شامل ڪيا ويندا؛

(a)ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظن “بورڊ آف روينيو” لاءِ لفظ “ڪمشنر” متبادل ٿيندو؛ ۽

(c)ذيلي دفعہ (4) ۾ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

“(4) بورڊ آف روينيو ڪي ذيلي دفعہ (1) تحت ڪنهن صورتحال ۾ طلب ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪمشنر ذيلي دفعہ (2) تحت گهرايل ڪنهن معاملي ۾ يا ذيلي دفعہ (3) تحت ڪيس رپورٽ ڪيل معاملي ۾ اهڙا حڪم جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي؛”.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**